(۱۰)

# نَخريليون

مان رهان لنڊن ۾. ويهہ سال اڳہ بمبئيءَ آئي هئس تڏهن سؤٽ نينا جون ڏيئر ننڍڙيون هيون وڏي ۾ وڏي تيرهن سالن جي هئي. هن ڀيري نينا لکيو، ”توکي ياد نٿو اچي، ننڍي هوندي اسين سؤٽين کان وڏيڪ پڪيون ساهيڙيون هيوسين. تون احمدآباد وچي رهينءَ تہ روز خط لکندي هئينءَ مونکي : حيدرآباد سنڌ ۾ کهڙو نہ اُهو پيارو هو سمو .......“

خط پڙهي پر لڳي ويا هئا مونکي. پتيءَ کي چيم، ”هيڏانهن مان هن ڊسمبر ۾ ضرور اِنڊيا لهنديس.“ هن مٽو کنهندي چيو، ”پر اُتي تنهنجي آهي ڪير ؟ توراکي ڏورانهان مائٽ اتيئي سي بہ انينءَ پيڙهي اُٽ، ماڪوڙو ماسات جي حساب جهڙا. رهي نينا تنهنجي سؤٽ، تنهن جون بہ چارئي ڏيئر وڏيون ٿيون آهن. گهر اهوئي بہ روم. ڪٿي وچي لهندينءَ ؟“

ڪجهہ سوچي چيم، ”نينا جي دل واري ڪوٺيءَ ۾ لهنديس.“ ٻئي خوب ٺهڪ ڏيئي کلياسين. بمبئي آيس تہ

نينا سان جيڪو ڏهہ منٽ ڳلي لڳي پاڪر پائي بينيس، بس تن من ئي ٺري پيو. سندس اکين ۾ منهنجين اکين مان ساڻن جو سانديل وڇوڙي جو ڏک چپ چاپ وهي ويو.

نينا جو گهوٽ گهنشام ويهن سالن ۾ خاص پڌو ڪين ٿيو هو. وار تہ ويهہ سال اڳہ بہ اَڇا ڏنا هئامانس. هاڻ وچي پنهنجي جاءِ ڇڏي گول چمڪندڙ ٽيڙ تي روشنيءَ جو راڄ ڇڏي ويا هئا.

صبح صبح اک کلي تہ ڏٺم نينا ۽ سندس ڏيئر ڇڻ وقت سان وڙهي رهيون هيون. مون لاءِ اِها نئين ڳالهہ ڪين هئي جو لنڊن ۾ مان بہ ان طرح يا انکان بہ تڪڙو باسڻ صاف ڪرڻ، چانهہ ٺاهڻ، نيرن ٺاهڻ، سنان ڪرڻ وغيره ۾ مشغول ٿي ويندي آهيان ۽ هي بہ پيو هٽ وناڻيندو اٿم. هتي نينا جو گهنشيام تہ رلي تاڻي سمهيو پيو هو. جڏهن نينا وچي بيڊ ٽي اڳيان.رکيس تہ ہہ منٽ اُٿي وينو پڇيائين، ”هن لنڊن واريءَ کي بيڊ ٽي ڏني اٿيئي ؟“

نينا چيو، ”اُٿي تہ سهين، پيسٽ ڪري پوءِ پيلندي هوندي چانهہ. سڀ ٿوروئي توهان وانگر سيءُ سيءُ ڪري سستي ڪندا!“

گهنشيام چيو، ”اڙي هنکي تہ هيءَ ٿڌ لڳندي ئي ڪين هوندي.“

”برابر“ چئي مان بہ اُٿي وينيس ۽ بئگ مان پيسٽ برش ڪڍي گيندي ڏانهن هلي ويس. نينا کان پڇيم ”ڇا هي چارئي ڇوڪريون نوڪري ڪنديون آهن ؟“

نينا کلي چيو، ”تڏهن گهر ۾ ويهي کهڙا ڪُنا

گهرُيندين؟“

چوڪريون هليون ويئون نوڪرين تي - گهنشيام پاڙي ۾ اخبار پڙهڻ ويو هو. نينا گهر سيهڙڻ ڇڏي اچي مون سان نيرن ڪٽي ويٺي. مون چيو، ”نينا مني تو ڪڏهن لکيو ته ڪين ته هنن نياڻين لاءِ ڪٿي ڪا ڪوڏي موڪليم.“

”اڙي منهنجي من موهني ! هنن نياڻين جا نخرا ٻڌندينءَ ته لڳندءِ زمانو اهو اچڻو آهي جڏهن شاديءَ جهڙي پوتر بندن ۾ شايد ڪوئي نه ٻڌجڻ چاهي.“ چوندي چوندي نينا جي مک جي ڪل فيوز ٿي ويئي.

کن رکي چيم، ”آخر ڪنواري رهڻ جي پرتگيا ڪئي اٿن ڇا؟“

ڪؤڙي روئڻهارڪي. شڪل ڪري نينا چيو، ”ائين چون ته مان جيڪر سک جو ساهه کڻان شادي به ڪنديون پر چوڪرا اهي کپن جي کائڻ وڏيڪ پڙهيل ۽ وڏيڪ ڪمائيءَ وارا هجن، ٻاهر ولائت وارا، ڏنڏوري نه، پر آفيسري ڪندڙ هجن.“

مونکان کل نڪري ويئي. چيم، ”اهي ته تنهنجون ڏيئر نر مڙس ٿي پيئون آهن.“

نينا چيو، ”ڪمائين جو وينيون هزارن ۾!“

مون چيو، ”هزارن جي اڄ قيمت ڪهڙي رهي آهي.“

نينا ڪيترو وقت ڪنڌ لوڏيندي رهي، ”برابر، برابر جيڪي اسان چئن سون جي پگهار مان ٿي ڪاڏو سو اڄ چئن هزارن ۾ نٿا ڪائي سگهون ... پر هوءَ جا تڏڙي سامائي آهي، سا ته هنن وڏين کان به گهڻو يئي ڪمائي ...“

ياڻرن وانگر سمجهوسين، تن سان شادي ڪيئن ڪبي. ؟' ڏي جواب. جي ڪبي تہ اسان ڪان وڏيڪ ڪمائي هجين. مائٽي وارين لاءِ اڳي مونکي ٿي ڪراهت هئي پر جڏهن ڏٺم هيءُ ڪو ڳوٺ ڪونهي جتي ڳري ڳنجي جي اِتي پتي جي گهر ويني خبر پئجي وڃي. جاءِ وٺڻي آهي تہ بہ دلال ڪان سواءِ ڳت ڪانهي. هتي فرق اهو آهي جو مڙدو نرڳ وڃي چاهي سرڳ هيءُ مائٽين واريون پنج ست سؤ اڳوات ئي نالي لڪائي ۾ ولي ڦٽ ڪوسي ڪن. پوءِ هڪ بہ گهر ٻڌائي چپ ٿي ويهي رهنديون.''

''ڪجهہ بہ هجي ڇوڪرين کي سيڪار ڀاڳ تي ڀارين. آهين تون بہ شايد ڏڄٽي، نہ تہ هيڏيءَ وڏيءَ دنيا ۾ هنن لاءِ ڇوڪرا ڇاوائي نہ هوندا ڇا ؟''

هاڻي نينا روئي پيئي. چيائين، ''هڪ تہ مڙس جو ساٿ ڪونهي. سيني سماج سڌارڪن کي بہ اسان جي ٻيءَ قوم ۾ پوڻ جي چنتا آهي انڪري بيورو بہ کوليا اٿن. پر منهنجو هي ڇوي، مان ڪين هلندوسانءَ ڇوڪرن جي پڇا ڳاڇا لاءِ ڏڪا ڪائڻ.....''

''نہ نہ مني روءُ نہ. هاڻي مان آئي آهيان نہ، ڏس تہ ڪيئن ٿي مهني اڏ اندر هنن ڇوڪرين کي سکيو ڪري ڏيکاريانءِ ؟''

''ڪيئن ڪندين ؟ هنن جا نخرا ٻڌي تہ .....''

''ڏس ويهي ڪيئن ٿي نخرا ڇڏايان.''

---

